1. نديم بلوچ
2. نظر حسين چانڊيو

# سچل سرمست جي سنڌي شاعريءَ ۾ آيل استعارن جو اڀياس

# A Study of Metaphors in Sachal Sarmast's Sindhi Poetry


## *Abstract:*

*Hazrat Sachal Sarmast was an undaunted mystic poet of his era. He was born in 1827. His thoughts have imbibed the effect of Mansoor bin Halaj and Fared-din Attar and he is grateful for it. He is titled "Mansor-e-sani" and "Attar of Sindh". Sachal Sarmast belonged to Talpur's era. During this time, Sindh was clouded in the fog of imperialism and insularity and was almost on the verge of anarchy. Hence, such critical and sensitive political and religious circumstances were in close observation of Resultantly, he demonstrated, those conditions through his poetry, sometimes publicly and sometimes through metaphor and symbolism for public awareness.*


سنڌي ڪلاسيڪي شاعري ڪيترن ئي صنعتي خوبين سان مالا مال آهي. اسان جي ڪلاسيڪل شاعرن انهن صنعتن جو پنهنجي تخليقن ۾ ڀرپور استعمال ڪيو آهي، جنهن ڪري ٻوليءَ ۾ رس ۽ چس پيدا ٿيندي رهندي آهي. انهن صنعتن منجهان استعارو بہ هڪ آهي. شاعر، جيڪا ڳالهہ پنهنجي سماج سامهون ڪليل نموني ناهن ڪري سگهندا، اهي ان لاءِ صنعت جو استعمال ڪري پنهنجي سماج کي هر ايندڙ خطري کان آگاهہ ڪندا ايندا آهن. استعاري جي وصف بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ هن ريت وضاحت ڪئي آهي." استعارو ج استعارا (ع. استعاره _ اڌارو وٺڻ) اها تشبيهہ جنهن ۾ تشبيهہ جو حرف (جهڙو، جيان، وانگر) ڪم نہ آڻجي. مثلا:هو شينهن آهي (هو شينهن جهڙو بهادر آهي)".(1).

استعاري جي لفظي معنيٰ آهي ، اڌارو وٺڻ ، اصطلاحي معنيٰ آهي ، ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ بدران اڌاري معنيٰ آڻڻ . تشبيهہ ۽ استعاري ۾ هي فرق آهي تہ تشبيهہ ۾ هڪڙي شئي جي ٻيءَ شيءِ سان ڀيٽ ڪبي آهي، جيئن احمد شينهن جهڙو مڙس آهي، پر استعاري ۾ احمد شينهن آهي، جو فقرو ڪم ايندو آهي. استعاري جي معنيٰ لغت مطابق اها بيهندي تہ، اظهار جو اهو طريقو جنهن سان سڌي اظهار بجاءِ اڻ سڌي نموني سان پنهنجي ڳالهہ ڪرڻي هجي. جيئن چوڻي آهي تہ:"ڏڪ هڻ ڏيءَ کي تہ

---

1. ايم. فل اسڪالر، سنڌي شعبو، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.
2. محقق، ليکڪ.

سکي ننهن“. وقت جي وڏن شاعرن اهڙي تخليقي اظهارذريعي پنهنجو پيغام پنهنجي سماج تائين پهچايو آهي. انهن شاعرن منجهان حضرت سچل سرمست به هڪ آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ استعاري جو گهڻو استعمال ڪيوآهي. استعاري بابت ڊاڪٽر ام ڪلثوم لکي ٿي ته: ”يعني ”استعاره“ لفظ جو بنياد عور يا عاور آهي، جنهن جو مطلب آهي اڌارو. استعاره جي معنيٰ آهي اڌارو گهرڻ ۽ اصطلاحي مطلب آهي، ڪنهن لفظ ياجملي جو اڌارو يا غير حقيقي معنيٰ ۾ استعمال .”فاموس القاري انڪليزي –عربي“ ۾ لکيل آهي:استعاره، تعبيرمجازي مثل(Methaphor) (استعاره اهو لفظ جيڪومجازي يعني غير حقيقيءَ معنيٰ ۾ استعمال ٿئي“. (2)

سچل سائين جي شاعريءَ ۾ نون لاڙن،رجحانن سان گڏ استعاري جي صنعت پڻ موجود آهي. سندس شاعريءَ ۾ تمثيلي انداز ۾ رومانويت جي موضوعن سان گڏ ”تصوف“ واري فڪر جي گهڻي پچار آهي. پاڻ صوفيانه عقيدن، نڪتن ۽ منزلن ڪي سمجهائڻ لاءِ تمثيلون، تشبيهون، استعارن، علامتن توڙي ڪناين جو اهڙو ته خوبصورت استعمال ڪيو آهي، جو پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ تي جادوئي ڪيفيت طاري ٿيو وڃي. سندس ان شاعراڻي ذات ڪي سوين سال گذرڻ ڪان پوءِ به ڪو رسي نه سگهيو آهي. سچل سائينءَ جي شاعريءَ ۾ استعاري جا نقش نگار تمام گهڻا آهن.

”عاشق مٽان آڳ جي ،اولارا ڏين
پنيڙ باھ عشق ۾، سپورن سڙن
اڇيو پون آڙاھ ۾ ، سر جو سانگ نه ڪن
لائق لعل ٿين، ڪامي لهسجي لوسجي.“(3)

هن بيت ۾ لعل لفظ ڪي حقيقي عاشق لاءِ استعاري طور استعمال ڪيو ويو آهي. سچا سالڪ ان عشق جي باھ ۾ پاڻ ڪي مڪمل طور تي پچائين ٿا ۽ پنهجي جان جي پرواھ نه ڪندي اڇي عشق آڙاھ ۾ پون ٿا. انهيءَ رستي ۾ تڪليفن ۽ ايذائن ڪي برداشت ڪرڻو پوندو آهي. عاشق جڏهن عشق جي ڪوريءَ ۾ پچي راس ٿي نڪرن ٿا ته اهي ئي اصلي منزل تي رسن ٿا. عشق جي اهڙي منزل بيان ڪندي تاج جويو لکي ٿو ته:” ان عشق / حق ڪان سواءِ سچل جي نظر ۾ بيو سڀ ڪوڙ ڪهاڻي آهي. سونهن/ حسن تائين رسائي عشق وسيلي ٿئي ٿي ۽ اتي هلي حسن، عشق ۽ عشق، حسن بنجيو پوي ٿو. ان ڪري ئي ته ”المجاز قنطرته الحقيقت“ چيو ويو آهي، ٻين لفظن ۾ مجازي حسن، حسن جي پل يا آرسي ٿي پوي ٿو“. (4)

”محبت جي ميدان مان، لاهوتي لنگهن،
آديسي ارمان ۾، گهوماٽيا گهمن،
لنگهي هليا حال ڪان، نڪي قال ڪهن،
ٻاڦ نه ٻهر وڃهن ، مچ مچايو من ۾“.(5)

سچل سائينءَ هن بيت ۾ ٻاڦ لفظ استعاري طور استعمال ڪيو آهي. ٻاڦ جي لغوي معنىٰ آهي دونهون، پر سچل سرمست هتي هن لفظ کي راز واري صيغي ۾ استعمال ڪيو آهي. سچاعاشق پنهنجي محبوب جي راز جي ڳالهه، ڪنهن سان ناهن سليندا، هو ته پنهنجي من ئي من ۾ محبوب جي ثنا ڪندا رهندا آهن. انهن جو دنيا جي لوازمات سان ڪنهن به قسم جو ڪو تعلق ناهي هوندو. عشق ۾ پچڻ واري ڳالهه سچل سائينءَ کان اڳ شاهه لطيف هن طرح ڪئي آهي.

"نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين!

سڙي سارو ڏينهن، ٻهر ٻاڦ نه ڪڍي."(6)

منزل به اهڙن ئي سچن سالڪن کي ملندي آهي، جيڪي راز دلين ۾ دفن ڪندا آهن. باقي جيڪي راز فاش ڪندا آهن، اهڙن سان ته، نه دنيا وارا ڪا دوستي رکندا نه ئي حقيقي مالڪ اهڙن کي پسند ڪندو آهي. سچل سائينءَ به هن شعر ۾ ان ڳجهه ڏانهن استعاراتي اشارو ڪيو آهي.سچل سرمست ٻاڦ واري فڪر سان سچي سالڪ کي صحيح دڳ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر مهر خادم لکي ٿو ته: "ڪنهن خيال ۾ گم رهڻ اندر ئي اندر ۾ پچرندو آهي،ڪائنس ٻاهر ٻاف به نه نڪرندي آهي. هر چڱي عمل لاءِ فڪر ڪرڻ، چڱي انسان لاءِ لازمي عنصر آهي.فڪر سان ئي دانائي نصيب ٿيندي آهي.فڪر کان سواءِ انسان جي زندگي نلهي ٿانو جيان آهي، جنهن کي صرف شڪل صورت ۾ ته ڏسي سگهجي ٿو پران جو اندر نلهو (خالي) هوندو آهي. فڪر سان ئي منزلون طئي ڪبيون آهن ۽ سوچن جو محور جڙندو آهي." (7).

"پاڻ پنهنجو پاڻهي، صورت منجهه سڃاڻ،

الله الله چو ڪرين، پاڻ ئي الله جاڻ،

تون ئي ٻڌندڙ تون ئي ڏسندڙ، شاهد آ قرآن،

ناهي شڪ گمان، سچو سائين هيڪڙو."(8)

هن بيت ۾ سچل سرمست فرمائي ٿو ته ، پنهنجو پاڻ کي پنهجي شڪل صورت منجهه سڃاڻ

تون الله الله ڇالاءِ پيو ڪرين تو پاڻ الله آهين، تو ن ٻڌندڙ ۽ سڀ ڪجهه سمجهندڙ آهين تنهنجي شاهدي ان پاڪ ڪتاب يعني قرآن مجيد ۾ ڏنل آهي. ان ۾ ڪو به شڪ ناهي. مٿيئن بيت ۾ الله پاڪ جو صفاتي نالو انسان ذات لاءِ استعاري طور ورتل آهي.

"ذات صفات هڪائي آهي، پول نه وجهين پولي

سوئي اندر سو ئي ٻاهر، سو ئي تنهنجي چولي

تو ۾ مون ۾ هن ۾ هر جا ،سچ سچو تو ٻولي".(9)

اي! بشر تون پنهنجو پاڻ کي ڪنهن جوغلام نہ سمجھ ۽ ان گمان مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍ. تو سان رب پاڪ جي ذات سدائين گڏ آهي. دنيا ۾ جيڪا فطرت آهي، ان جي اندر ۽ ان کان ٻاهر هر جاءِ رب جي ذات موجود آهي. تنهنجي اندر جسم ۽ سرير ۾ تنهنجي شهہ رڳ کان وڌيڪ تو کي ويجهو آهي ۽ اها حقيقت آهي جيڪا سچل ٻڌائي ٿو. هن بيت ۾ انسان ذات جي جسم جي لاءِ ”چولي“ جو لفظ استعارو ورتل آهي. انهيءَ فلسفي کي بيان ڪندي انور پرديسي لک ٿو تہ” ٻانهو محتاجي ۾ الله جو محتاج آهي ،پر تصوف ۾ فکر مان مراد آهي تہ فقير جي اها حالت ٿئي جو هو پاڻ کي ٻين جي محتاجي مان ڪٽيندو ڪٽيندو ، الله جي محتاجي تائين محدود ڪري. ان سلسلي ۾ هو ٻين کي ڪنهن بہ ڪم لاءِ سوال ڪرڻ کان پاڻ کي بچائيندو آهي. اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو ، جڏهن هن وٽ مقصد الله جو عشق هجي“.(10)

”ٺوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
پاڻ بيگانو مول نہ ڄاڻين، آهين يار يگانو
و نفخت فيه من روحي، بلڪل چڏ بهانو
وهم سچل ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.“(11)

هن بيت ۾ سچل سرمست انسان ذات کي سماج ۾غلط ريتن رسمن کي اپنائڻ کان پاسو ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو، تہ تون پنهنجي طاقت کان نا آشنا آهين ، تون دنيا ۾ بي مثل آهين، رب پاڪ هن دنياہ تو کي پنهنجو خليفو ڪري موڪليو آهي . تنهنجي اهميت ۽ افاديت هن جهان ۾ سڀني مخلوق کان اعليٰ ۽ اتم آهي. ان ڪري تون پاڻ ۾ خودي پيدا ڪر. پنهنجي دل مان غلاميءَ وارو وهم ۽ گمان ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏ. هن بيت ۾ شملو ُتو صفت طور آهي، جنهن کي سماج جي آدرشي اڳواڻ طور استعاري جي صورت ۾ سچل سرمست بيان ڪيو آهي. ڊاڪٽر ملڪ نديم لکي ٿو تہ: ”جي اسان ُگهري نظر سان ڏسندا سون تہ، اسان جي ملڪ ۾، اسان جي صوفين جي سنڌ ۾ ،ڏينهون ڏينهن بنياد پرستي وڌندي ٿي وڃي ۽ پختي ٿيندي ٿي وڃي ، جنهن جي خلاف ڪيئي سال اڳ اسان جي شاعرن شاهہ لطيف ۽ سچل سرمست جنگ جوٽي هئي.۽ عام سان گڏ رهي اها جنگ پنهنجي حياتيءَ ۾ جيتي هئي . ان جنگ جي جيت جو ثبوت شاهہ ۽ سچل جي پنهجي خيالن ۾ ، اظهار جي آزادي جو حق ماڻڻ آهي.يعني هنن پنهنجي وقت جي رياست حاڪم ،سماج نظام ، ملان قاضي ۽ عملدار خلاف جيڪو چوڻو هيو ، سو چيو جيڪو اسان اڄ بہ نہ ٿا چئي سگهون“.(12).

"هي سڀ بحر انهيءَ جو، ٻي نڪا جهن بستي
قلزم ڪاروناپار ڪڪوريل، ڪو نڪا جهن ڪشتي
منجهه درياءَ محبت واري، حال ستين هي هستي."(13)

هتي ڪاروناپار ڪڪوريل کي دنيا جي لوڀ لالچ جي لاءِ استعاري طور استعمال ڪيو آهي. هي دنيا ان سمنڊ مثل آهي، جنهن کي نہ ڪو ڪنارو آهي ۽ ان جي ڇولين ۾ٺهندڙڳاڙهاڻ مائل ڪڪرن جي تو کي سڌ سما ناهي جن جي نہ ڪا حد ۽ نہ ئي ڪو نشان مقررآهي. سڌي رستي هلڻ وارو حقيقي عاشق ان محبت جي درياءَ ۾ غوطو هڻي ، پنهنجي هستي کي مٽائي منزل تي وڃي رسي ٿو ۽ محبت بہ انسان لاءِ ايئن ئي عميق آهي جنهن جي نہ تہ ڪا گهرائي جي خبر آهي نہ ئي ان جو ڪو ماپو مقرر آهي. جيڪي انسان دنيا جي لالچ ۾ اڇي ويندا آهن، اهي عشق واري بحر کان ڪوهين ڏور رهندا آهن. قاضي مقصود گل لکي ٿو تہ: " سچل سائين مٿيئن بيت ۾ واضع ڪري ٻڌايو تہ پنهنجو پاڻ کي محبت واري درياهہ ۾ ڦٽي ڪر، پوءِ نہ تو کي ڪنهن ڪنڌي ۽ ڪناري جي ضرورت پونديءِ نہ وري ڪنهن ڪشتيءَ يا ٻيڙي جو تاڪائو ياتمنائي ٿيندين . ڇاڪاڻ تہ محبت اهڙو بحر آهي جنهن کي نہ ڪا ٻي ۽ ٻڪ آهي نہ وري ڪو ڪنڌي ۽ ڪنارو . محبت جو مهراڻ سڀ ڪجهہ ئي پنهنجو پاڻ آهي"(14).

"جان جان تون گمراهہ نہ ٿيندين، تان تان راهہ نہ لهندين
ڪاڄ حرام ۽ پيءُپليدي، پاڪيءَ ساڻ نہ وڙهندين
سچاسچ پلئہ نہ پوندو، جان جان مان ۾ رهندين." (15)

هن بيت ۾ سچل سرمست رب پاڪ جي وحدانيت ۽ ان جي هيڪڙائي جو بيان ڪري ٿو تہ جيئن لا موجودات الاالله، سواءِ "الله" جي، ٻيو ڪو بہ موجود ناهي. پنهنجي غصي تي قابو رک ۽ پنهنجي نفساني خواهشن کي ترڪ ڪري، پاڪ پروردگار جي عبادت ۾ گذار، ڇاڪاڻ دنيا ۽ آخرت ۾ حقيقي خوشي ۽ محبوب جي خوشنودگي حاصل ڪرڻي اٿئي تہ دنيا جي لذتن کان پاسو ڪري من کي صاف ۽ اجرو ڪر، پاڻ کي گهٽ سمجهي ڪري تڪبر ۽ وڏائي کان پاسو ڪر، جيسيتائين توان مان ۽ تڪبر مان جان آزاد نہ ڪندين تہ تيسيتائين حق ۽ سچ جي راهہ تي نہ هلي سگهندين. هتي "مان" لفظ جي لغوي معني (پاڻ، خود) پرسچل سرمست "مان" کي تڪبر ۽ وڏائي جي استعاري طور استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر مهر خادم لکي ٿو تہ: " هٺ جو مطلب آهي ، اجايو اڙجي ٻيهڻ ڪنهن جو لحاظ نہ ڪرڻ ۽ پنهنجي آڪڙ تي قائم رهڻ کي هٺ چئبو آهي . هٺ ۽ تڪبر ڪرڻ وارو ماڻهو ، سماج ۾ چڱي نظر سان نہ ڏٺو ويندو آهي. هر ڪو ڪيس ڌڪار واري نظر سان ڏسندو

آهي.هٺ، بيوقوفي جي نشاني آهي هٺ وارو حاصل ڪجھ نہ ڪري سگھندو آهي.صرف وڃائيندو رهندو . هٺ ، چڱائي کي ويجھو اچڻ نہ ڏيندو آهي“. (16).

”آهيان آئٖاسرار، جيڏيون!مون کي ڪير ٿيون ڀانيو،
ڪن نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنھوران بيزار
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار.“(17)

هن ڪافي ۾سچل سرمست فرمائي ٿو تہ، مان هڪ راز آهيان توهان مون کي نہ ٿا سمجهي سگھو. هن ڪوڙي دنيا ۾ ان جي مايا ڏانهن ڌيان نہ ڏيندس، چاڪاڻ تہ نہ مان نو ر جي پئدائش ملائڪ، نہ باه جي پيدائش ڪو جِن، پوت آهيان پر مان تہ خود رب آهيان .چاڪاڻ تہ خدا ۾ ٻانهي جو رشتو محبت جو هڪ اٽوٽ رشتو آهي.اتي رب جبار چوڻ سان انسان خود رب تہ نہ ٿو ٿئي ، پر ان جي معنيٰ آهي تہ اوهان رب پاڪ جا اخلاق اپنايو، يا اهڙا چڱا ڪم ڪيو جو اوهان ۾ رب جي ذات جي صفت نمايان نـظر اچي. هتي رب جبار الله پاڪ جي صفات طور استعارو ورتل آهي.سچل جي ان فڪر جي باري ۾انور پرديسي لکي ٿو تہ: ” سچل سائين جي فڪر مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ ان هستي جو جلوو پسڻ خاطر پنهنجي وجود کي ، پنهنجي هستي کي ۽ پنهنجو پاڻ فنا ڪرڻ سان ذات الاهي کي حاصل ڪجي ٿو. اهڙي شاهدي سچل سرمست جي مٿئين شعر مان واضع ٿئي ٿو . ان آخري مصرع جو اهو مطلب ناهي تہ هو خدا آهي، پر ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ، هو پنهنجي نفي ڪري ٿو ۽ ان باري تعاليٰ جي صفات کي دل جي حضور سان قبول ڪري ٿو“.(18)

”قوس قزح ڪمان، ابرو عجيبن جا،
ضرب ظلم جي زور سان، اچلن الامان،
سل هڻن ٿا سيني ۾، پنبڻين جا پيڪان،
نيزا نينهن نشان، سچل سر سهايا.“(19).

نينهن جو ناتو جنهن سان هجي ، تہ ان جي هرشي عاشق لاءِ املھ حيثيت رکندِي آهي. محبوب جي هر ادا تي عاشق موهت ٿي پوندو آهي . ان جي هر ادا دل کي وڻندي آهي. سچل سرمست کي بہ پنهنجي معشوق جو هر رنگ ۽ ڍنگ سهڻو پيو لڳي. سندس هر انگ کي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ سان پيو مستعار ڪندو ٿو رهي. مثال طور مٿين شعر ۾ محبوب جيَ ڀِرن لاءِ رنگا رنگي ڪمان ۽ برسات ختم ٿيڻ کان پوءِ نيلنگون آسمان تي ظاهر ٿيندڙ قزح( اندلٺ) جا منظر، خوبصورت نظر پيا اچن. محبوب جي ُگھورڻ کي ڪمان مان نڪتل تير کي استعاري ۾ بيان ڪري ٿو. محبت جا اهي تير سچل پنهنجي سر تي سهيا

آهن .ڊاڪٽر ام ڪلثوم شاهه لکي ٿي تہ: ”تير انداز يا شڪاري يا صياد وغيره استعمال نہ ڪيو آهي پر ان لاءِ قزح، ڪمان مستعار ڪري ٿو. جيڪو عاشقن کي نشانو وٺي اهڙا تير ڇڏي ٿو، جن جي زخمن جو علاج بہ عام طبيب ۽ ويد جي وس جي ڳالهه ناهي، بلڪ عاشق تہ انهن گهاون کي بہ معشوق جي نشاني ۽ عطا وندي سمجهي خوش ۽ راضي رهن ٿا، هو محبوب جي نيهن ڀريل تيرن لاءِ هردم آسوندا رهن ٿا.“(20).

”ڪجا ڪج محراب، منهن تي محبوبن جي،
ڏنگا ڏنگا واه واه، مصحف جا اعراب،
سٽون سيپارن جيون، پڑهڻ ٿيو ثواب،
بره سندا باب، سچل سڀ ختم ڪيا.“(21).

هن بيت ۾ سچل سرمست، محبوب جي مک کي مسجد جي محراب مستعار ڪندي پيش ڪيو آهي. يعني محبوب جي پيشاني عاشق جي لاءِ ڪنهن عبادت گاهه کان گهٽ ناهي. سندس ذولف ورڪڙ پيچدار آهن جيئن قرآن شريف جي هر جملي کي اعرابن وسيلي نشامبر ڪيو ويو آهي.اهڙي ئي نموني سان سچل سرمست انهن سٽن ذريعي قرآن ڪريم جي سيپارن سان مستعار ڪري پنهنجي محبوب جي سونهن جي ساراهه ڪئي آهي. حقيقي عاشق کي هر ان شيءِ ۾ان ذات جي مظهر جو جلوو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. جنهن هن حسين ڪائنات کي پنهنجي عشق ۾جوڙي راس ڪيو آهي.ان ۾ پرک ۽ پروڙ جون وڏيون نشانيون رکيون اٿائين. جنهن جي ڳولا اوشاق ۽ عارف ڪندا ٿا رهن. سچل سرمست بہ انهن عارف ۽ عاشقن جي لڙهي جو هڪ انمول داڻو آهي. جيڪو پنهنجي حقيقي محبوب جي واکاڻ پاڪ جذبن ۽ احساسن جي ذريعي ڪئي آهي.ڊاڪٽر شير مهراڻي لکي ٿو تہ: ”هر شاعر وٽ پنهنجي محبوب جي سونهن کي پيٽا ڏيڻ جو پنهنجو انداز آهي. ڪنهن پنهنجي محبوب کي گل سان ڀيٽيو آهي تہ ڪنهن چنڊ ۽ چانڊوڪي رات سان، ڪنهن ٿڌڙي هير سان محبوب جي تشبيهه ڏني آهي تہ ڪنهن، شاعر وري محبوب جي رنگ کي سنگ مرمر جي رنگ ، قد کي سَرو وڻ، اکين کي هرڻيءَ جي اکين ، چال يا هلڻ کي مور جي چال، وارن رات ۽ نانگ جي ڪاراڻ، رخسارن کي گلن جي پنکڙين وغيره سان ڀيٽ ڏني آهي.“(22).

اهڙي نموني سچل سرمست وٽ پنهنجي محبوب جي ساراهه لاءِ پنهنجا ماڻ ۽ ماپا آهن. جن سان هو پنهنجي حقيقي محبوب کي استعاري طور بہ پيش ڪري ٿو تہ تشبيهه جي ذريعي بہ پنهنجي محبوب جي سونهن جي واکاڻ ڪري ٿو. سچل سرمست هينين بيت ۾ بہ محبوب جي سونهن جي ساراهه هن طرح بيان ڪئي آهي.

”ڇپيلن ڇلا، مٺو مکيڙيا منهن تي،
نيم شبي مهتاب جيئن، منهن ٻري مشعلا،
تاريڪيءَ ۾ تيجارا، تڪا ڏين تجلا،
عاشق ڳُٽ اجهلا، سِرُ ڏين تا سٽ ۾.“(23).

هن بيت ۾ سچل سرمست پنهنجي محبوب جي مکڙي کي چوڏهينءَ جي چنڊ جي چانڊوڪيءَ سان مستعار ڪري ٿو. چنڊ جي روشني صرف هڪ ڏينهن جوين ماڻي ٿو، پر سچل سرمست جو محبوب جوڀن جي روشنيءَ سان هميشہ همڪنار آهي. ڳُهڳُهہ اونداهي ۾ بہ حقيقي محبوب جي سونهن جي تڪ ڪري سڄي ماندباڻ ۾ روشني پکڙجي وئي آهي. عاشق، انهيءَ سونهن تي سِرُ ڏيڻ ۾ بہ دير نہ ٿا ڪن. هن بيت ۾ مشعلا جو لفظ محبوب جي سونهن جي روشنيءَ لاءِ مستعار ٿيل آهي.

”مُو مکيڙيا مُنهن تي، ڇپيلن ڇلا،
واسينگن ولا، ورهہ وارين تي ڏنا.“(24)

سچل سرمست مٿين شعر ۾ نازنين حسن وارن جي مُنهن تي ڳُهنڊِيدار وارائن وڪريل آهن، پري کان ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ تہ واسينگ نانگ وروڪڙ ڏيئيءَ ڦڻ ڪڍيو بينو هجي. جو اهي عاشقن جي دل پيا ڏنگين. سچل سرمست هن بيت ۾ معشوق جي وارن کي واسينگ نانگ جي ڪاري رنگ ۽ ان سونهن کي استعاري طور استعمال ڪيو آهي .ريٽا شهاڻي لکي ٿي تہ: ”هنن صوفي فقيرن کي جڻ تہ عشق جو باڻ لڳل آهي. هو حسن جا بہ شيدائي آهن. سچل سائين جي عشق ۾ ورهہ جو درد آهي،تڙپ آهي، لوچ آهي، بيقراري آهي، هن پنهنجي ڪلام ۾ حسن ۽ عشق جون ڳالهيون اهڙي شديد نموني سان پيش ڪيو آهن، ان ۾ ايڏي جذبات ۽ ايڏو جمال آهي، جو اهي بي مثال بڻجي پيئون آهن. ڪڏهن هو محبوب جي نشلي نيڻن جو بيان ڪري ٿو، تہ ڪڏهن ڪارن ذولفن جون. محبوب جو حسن ڏسي عاشق بيگانو بڻجي ٿو پوي.“(25).

اهڙيءَ طرح سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ استعارن جي هن مختصر اڀياس سچل سرمست جي شاعريءَ جي فني خوبصورتي کي ظاهر ڪري ٿو. استعارن جو شاعريءَ سونهن سوڀيا ۽ ٻوليءَ جي واڌاري ۾ اهم ڪردار آهي.

## حوالا


1. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. هڪ جلدي سنڌي لغت .حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي. 2006ع.ص،28.
2. شاهه،ام ڪلثوم،ڊاڪٽر. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو جائزو.ڪراچي يونيورسٽي:شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر. 2004ع.ص.41.
3. صوفي،غلام نبي گل حسن خان،آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.205،206.
4. جويو تاج. درازن جي دز جهومي رهي آهي. خيرپور: سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي،2015ع.ص.62.
5. صوفي، غلام نبي گل حسن خان،آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو،2015ع.ص.205.
6. آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهه جو رسالو. (سمجهاڻي سان) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 2017ع.ص.554.
7. مهر، خادم، ڊاڪٽر. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انسان شناسيءَ واريون ڪيفيتون. حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو. 2016ع.ص.70.
8. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو،2015ع.ص.210.
9. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست .ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.215.
10. پرديسي، انور. (مقالو) سچل سرمست جي سر وحدت ۾ آيل علامتن جو جائزو. سرمست 40. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي، سنڌ.2019ع.ص.112.
11. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست .ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.215.
12. ملڪ، نديم، ڊاڪٽر. سچل جي سيني ۾ سنگرام. خيرپور: ملڪ نديم اڪيڊمي. 2005ع. ص.69، 70.
13. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.220.
14. گل، مقصود قاضي. سچل جو آ عشق الستي. آشڪار 5. خيرپور: سچل چيئر، شاهه عبدالطيف يونيورسٽِي، سنڌ.1999ع.ص.48.
15. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.221.

16. مهر، خادم، ڊاڪٽر. سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ انسان شناسيءَ واريون ڪيفيتون. حڪومت سنڌ: ثقافت ۽ سياحت کاتو. 2016ع.ص.87.
17. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.263.
18. پرديسي، انور. (مقالو، سچل سرمست جي سر وحدت ۾ آيل علامتن جو جائزو. سرمست 40. خيرپور:سچل سرمست يادگار ڪميٽي، سنڌ. 2019ع.ص.99.
19. قاضي، علي، گوهر ابن مرحوم. سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام.خيرپور: سچل چيئر شاهه عباللطيف يونيورسٽي. 1995ع.ص.290.
20. شاهه، ام ڪلثوم، ڊاڪٽر. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعاره ۽ تشبيهه نگاريءَ جو جائزو. ڪراچي يونيورسٽي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر. 2004ع. ص.159،174.
21. قاضي، علي، گوهر ابن مرحوم. سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام. خيرپور: سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. 1995ع.ص.290.
22. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات. ڪراچي: شاهه عبدالطيف ڀٽائي چيئر. 2004 ع.ص.268.
23. فقير، نماڻو. سچل جو ڪلام (مڪمل سنڌي بيت ۽ ڪافيون). ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2017ع.ص.343.
24. صوفي، غلام نبي گل حسن خان، آغا. سچل سرمست. ڪراچي: ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ پبليڪيشن، ڇاپو ٻيو، 2015ع.ص.227.
25. شهاڻي، ريٽا. سچل سرمست ۽ اتهاسڪ روايتون.ڪراچي: ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ. 2014ع. ص. 91.